نجات جو ذريعو آهي.

حضرت محمد ﷺ جن جي زندگي نبوت کان اڳ ۽ نبوت عطا ٿيڻ کانپوءِ مڪي ۽ مدني دور رواداري جي بي مثال واقعن سان عبارت آهي.

## (ميثاق مدينه پيغمبر اسلام ﷺ جي مذهبي رواداري جو بي نظير شاهڪار)

نبوت جي تيرهن سالن جي عرصي مڪي وارن جي مذهبي ۽ معاشرتي اذيتن برداشت ڪرڻ کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن مڪي کان مديني طرف هجرت ڪئي.

سنه ١ هجري مديني هجرت کانپوءِ رسالت مآب ﷺ مديني جي يهودين سان هڪ تاريخي معاهدو ڪيو جنهن کي "ميثاق مدينه" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هي غير مسلم قوم سان پاڻ ڪريم ﷺ جن جو تحريري معاهدو هو، هي معاهدو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي منهنجي رواداريءَ ۽ فراخدلي جو اعليٰ مثال آهي.

جيتوڻيڪ مديني ۾ مسلمانن کي اڪثريت حاصل هئي پر ڪين مڪي جي قريشن جي گزريل رويي جي به ڄاڻ هئي ۽ مديني ۾ يهودين جي موجودگي جو به احساس هو ۽ مديني جي دفاعي انتظامن کي به نظر انداز پيو ڪري سگهجي. ان جي پيش نظر پاڻ ڪريم ﷺ مديني جي رياست جي استحڪام لاءِ ۽ سڀني اهل مدينه کي متحد ڪرڻ لاءِ هي معاهدو ڪيو.

هن معاهدي جا خاص نقطه هي هئا:

☆ خون بها ۽ فديي جو پراڻو طريقو برقرار رهندو.
☆ مسلمانن ۽ يهودين کي هر قسم جي مذهبي آزادي حاصل هوندي.
☆ سندن تعلقات دوستي وارا هوندا.
☆ جنگ جي صورت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا.

☆ ڪو به فريق قريش کي امان نه ڏيندو.

☆ مديني تي حملي جي صورت ۾ گڏ جي مقابلو ڪندا.

☆ صلح جي صورت ۾ به ٻئي شريڪ هوندا.

☆ اختلاف جي صورت ۾ رسول اڪرم ﷺ کي ثالث ۽ امين تسليم ڪندا.

هن معاهدي ذريعي پاڻ ڪريم ﷺ جن مختلف قسم جي عناصر کي گڏ ڪري هڪ دولت مشترڪه جي بنياد وڌي، حق ۽ انصاف جي حصول لاءِ قبائلي جهيڙن بجاءِ هڪ امير (رسول ﷺ) جي طرف رجوع جو شعور پيدا ٿيو ۽ اجتماعي زندگيءَ جو آغاز ٿيو.

"ميثاق مدينه" انسانيت تاجدار، انسانيت جي محسن، مذهبي رواداري جي علمبردار جي حسن تدبر، سياسي بصيرت ۽ مذهبي رواداريءَ جو مثالي نمونو آهي، جنهن سان اسلامي معاشري جي مقصد، انساني قدرن جي تحفظ ۽ امن جي قيام ۾ ڀرپور مدد ملي قبائلي عصبيت ۽ قوميت جو خاتمو ٿيو ۽ عالمگير ڀائپيءَ جو قيام عمل ۾ آيو.

هڪ عرب محقق محمد حُسين هيڪل هن عهد نامي متعلق رواداري لکي ٿو:

"هي اهو تحريري عهد نامو آهي جنهن ۾ منهنجي رواداري بدولت حضرت محمد ﷺ اڄ کان چوڏهن سو سال اڳ هڪ هڪڙو اصول ۽ ضابطو انساني معاشري ۾ قائم ڪيو جنهن سان معاهدي ۾ شريڪ (مسلمان ۽ يهودين) هر هڪ کي پنهنجي عقيدي ۽ مذهب جي آزادي جو حق حاصل ٿيو ۽ انسان جي زندگي جي حرمت قائم ٿي.

محسن انسانيت رسول رحمت ﷺ جن جي بهترين اخلاق ۽ مذهبي رواداري جو اعليٰ مثال هي به آهي ته مديني ۾ جيڪڏهن ڪنهن يهوديءَ جو ٻار به بيمار ٿيندو هو ته انجي عيادت ڪرڻ ان جي گهر ويندا هئا. ۽ جيڪڏهن انهن جو ڪو جنازو رستي تان ايندي ڏسندا

هئا ته ساڻن همدردي ۽ رواداري جو مظاهرو ڪندي هڪدم اٿي بيهندا هئا.

فتح مڪه پيغمبر رحمت ﷺ مذهبي رواداريءَ جو هڪ پيو بهترين شاهڪار:

محسن انسانيت، نبي رحمت ﷺ جي رحم و ڪرم، عفو و درگزر ۽ مذهبي رواداري جي حوالي سان مڪي جي فتح سنه ٨ هجري ۾ اهڙو تاريخي واقعو آهي جنهن جي مثال مذاهب عالم ۾ ملڻ مشڪل آهي.

ٻنهي جهانن جي سردار، رحمت للعلمين ﷺ جن جي سموري حياتي اسلام مخالف ۽ ذاتي دشمنن سان حسن سلوڪ ۽ رواداري سان ڀريل آهي پر اهو ڏينهن، اهو موقعو، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪي ۽ سندن پيروي ڪندڙ صحابه اڪرام کي اذيتون ڏيندڙ مڪي جي مشرڪن ۽ ڪافرن تي مڪمل اختيار ۽ اقتدار حاصل هو، جڏهن الـلـه تعالىٰ جي پاڪ گهر (ڪعبته الله) جي احاطي ۾ اسلام جا دشمن، رسول ﷺ جا دشمن، ۽ صحابه اڪرام جا دشمن سامهون هئا، اهي دشمن جنهن ڪو اهڙو موقعو نه ڇڏيو هو جنهن ۾ اسلام جي پستي، رسول ﷺ جي بي حرمتي ۽ صحابه اڪرام جي اذيت پسندي ۾ ڪا ڪثر باقي ڇڏي هجي، پر دنيا ڏسو ته محسن انسانيت، پيغمبر رحمت ﷺ انهن دشمنن سان، جڏهن هو مفتوح ٿيا، جڏهن هو قيدي ٿيا، جڏهن هو غلام ٿيا، جڏهن هو زيردست ٿيا، جڏهن هو بي بس ٿيا، انهن ۾ مقابلي جي جرأت ۽ حوصلو نه رهيو، اتي هي صدا گونجڻ لڳي:

"اليوم يوم الملحمة"

اڄ انتقام جو ڏينهن آهي، اڄ جنگ جو ڏينهن آهي، اڄ بدلي جو ڏينهن آهي، اڄ قتال ۽ خونريزي جو ڏينهن آهي، عين ان وقت محسن انسانيت، پيغمبر رحمت ﷺ جن جي سيرت مبارڪ عفو درگزر ۽ مذهبي

رواداريءَ جو شاندار مثال پيش ڪيو پاڻ ڪريم ﷺ ان موقعي تي سيني اميدن، تصورن ۽ قياس آرائين جي ابتڙ رواداري تي مبني جي مثال ۽ انقلابي اعلان ڪرڻ فرمايو:-

"اليوم يوم المرحمة" اڄ رحم و ڪرم جو ڏينهن آهي، اڄ عفوو درگزر جو ڏينهن آهي، اڄ ايثار ۽ رواداري جو ڏينهن آهي، اڄ عام معافي جو ڏينهن آهي.

اهو اهڙو موقعو هو جو پاڻ ڪريم ﷺ پنهنجي دشمنن کان جهڙي طرح چاهين ها بدلو وٺي سگهيا ٿي پر عظيم رواداري جو مثال پيش ڪندي اهو چئي ڪين معاف ڪري ڇڏيو.

**"لا تثريب عليكم اليوم**

اڄ توهان تي ڪائي ملامت نہ آهي.

اڄ توهان کان ڪائي پڇا نہ آهي.

محسن انسانيت مفتوحن لاءِ جيڪو آزادي جوپروانو ڏنو انسانيت تي وڏو احسان ڪيو ۽ جاهليت، انسان دشمن، اسلام دشمن تهذيب ۽ قانون کي مسمار ڪري جيڪو اعلان ڪيو:

**"اذهبوا فانتم الطلقاء"**

وڃو توهان سڀ آزاد آهيو.

حضرت انس رضي الله تعالي عنہ کان روايت آهي تہ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ مڪي ۾ فاتحانہ انداز ۾ داخل ٿيا تہ سڀ اهل مڪہ ڪين تہ خوف وچان ڏسي رهيا هئاپر پاڻ ڪريم ﷺ تواضع ۽ انڪساري جي ڪري ڪنڌ جهڪايل هئا.

اهو ئي موقعو هو جنهن وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن جي شان رحمت تي سڀ ملائڪ ۽ ڪائنات جي ذري ذري مان اها صدا اچي رهي هئي.

محسن انسانيت، رحمت عالم، رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم

جن غير مسلم قومن لاءِ مذهبي ۽ سماجي آزادي، مذهبي رواداريءَ تي
ٻڌل اهي هدايتون ۽ عملي قدم تاريخ جي ان دور ۾ ڏنڻ فرمايائون
جيڪو جهالت جي انتها وارو دور هو ۽ دنيا مذهبي رواداريءَ کان واقف
نه هئي ۽ مذهبي آزادي ۽ رواداريءَ جو تصور به نه هو.

سنه ٧ هجريءَ ۾ جڏهن حضور اقدس رسول اڪرم ﷺ قسطنطنيه،
مصر ۽ حبشه جي حاڪمن ڏانهن تبليغي خط لکيا ته انهن ۾ اهو نه
لکيائون ته عيسائيت ۽ يهوديت درست ۽ سچي نه آهي پر انتهائي بصيرت
واري انداز ۾ قرآن مجيد جي هي آيت مبارڪ لکڻ فرمائي:-

" ان الذين امنوا والذين هادوا والنصارىٰ والصابئين من اٰمن بالله واليوم الأخر و عمل صالحاً فلهم اجرهم عند ربهم ولا خوف عليهم ولا هم يحزنون"O

” بيشڪ جنهن ايمان آندو (الله ۽ رسول ﷺ تي) ۽ جيڪي
يهودي ۽ عيسائي ۽ صابئي مذهب وارا، غرض جيڪو به الله ۽ قيامت
جي ڏينهن تي ايمان آڻي ۽ نيڪ ڪم ڪري ته اهڙن ماڻهن ڪي ان جو
اجر انهن جي پالڻهار وٽان ملندو ۽ نه انهن تي ڪوئي خوف هوندو ۽ نه
تي اهي غمگين هوندا.

ڊاڪٽر محمد حميد الله هن آيت تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:-

” اجتماعي صلح، رواداري ۽ انتهائي وسعت قلبي جي ان تعليم ۾
ڪتي به اهو نه چيو ويو آهي ته يهودي، عيسائي، صابئي ۽ ٻين مذهبن
جا ماڻهو پنهنجو مذهب ترڪ ڪن پر پهجي الهامي مذهب جي نئي
تجديد ڪندي ڪجهه بنيادي نقطن تي عمل ڪن “.

يعني هڪ الله ۽ رسول ؑ کي مڃين، مرڻ کانپوءِ حساب ڪتاب جو
يقين ڪرڻ ۽ پوري زندگي نيڪ عمل ڪرڻ، اجرو ثواب ملڻ ۽ خوف
کان بچڻ لاءِ ڪافي آهي حقيقت ۾ ان طريقي سان هڪ بنيادي مذهب

جو ترتيب ڏيڻ هو.

هجي وارن جي ڪيل زيادتين ڪانپوءِ مجوسين سان پاڻ ڪريم ﷺ هڪ معاهدو ڪرڻ فرمايو ۽ ڪين هڪ خط تحرير فرمايو جنهن ۾ لکيائون:

بسم الله الرحمن الرحيم

محمد جي طرفان اهل هجر جي نالي توهان کي امن ڏنو ويو آهي، مان الله جي حمدو ثناء ڪريان ٿو ته ان ڪانسواءِ ڪوئي معبود نه آهي. اما بعد:ـ مان توهانکي الله جي لاءِ ۽ توهان جي ذات جي لاءِ وصيت ڪريان ٿو ته هدايت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ گمراهه نه ٿيو. سڌي واٽ تي اچڻ ڪانپوءِ غلط رستو اختيار نه ڪجو، توهان جيڪو ڪجهه ڪيو ان ڪان مون کي حاضر ڪيو ويو، توهان مان جيڪو نيڪ عمل ڪندو ان تي گناهه جو وزن نه وڌو ويندو. جڏهن منهنجي طرف ڪان ڪو امير توهان ڏانهن اچي ته الله جي ڪم ۽ ان جي اطاعت ۾ مدد ڪبو توهان مان جيڪو نيڪ عمل ڪندو اهي ضايع نه ٿيندا، توهان جو وفد مون ڪان آيو ۽ مان انهن سان تي اهڙي ڳالهه نه ڪئي جيڪا درست نه هجي، جيڪڏهن مان چاهيان ته پورو حق وٺي پئي سگهيس ۽ توهان کي هجر ڪان بي دخل ڪري ڇڏيان، مان توهان جي غير موجودن جي رعايت ڪئي ۽ موجودن سان مهرباني ڪئي آهي.

پاڻ ڪريم، پيغمبر رحمت ﷺ جن اهل ڪتاب سان گڏ ڪافر، مشرڪ ۽ مجوسين سان به رواداري جو هڪ جهڙو ورتاءُ ڪيو.

رحمت للعلمين ﷺ جن جي رواداري جي اهائي شان هئي جو سڀ جا سڀ پاڻ ڪريمن ﷺ هي حسن اخلاق جي ڪري حلقي اسلام ۾ داخل ٿيندا و ـ ا.

هڪ انگريز مصنف پنهنجي ڪتاب ۾ اسلام جي اشاعت جا سبب بيان ڪندي لکي ٿو:

”ذرتي جي ايتري وسيع حصي ۾ اسلام جي جيڪا اشاعت ٿي آهي ان جا ڪيترائي معاشرتي، سياسي ۽ مذهبي سبب آهن پر ان عظيم ڪاميابي جو اصل سبب اهو آهي ته مسلمانن ان باري ۾ گهڻي ڪوشش ڪئي آهي ۽ رسول اڪرم ﷺ جن جو اسوة حسنه ۽ رواداري جو مثال انهن جي سامهون هو ۽ انهن ڪافرن ۽ پين منڪرين کي اسلام ۾ داخل ڪرڻ لاءِ پهجي اخلاقي قوت ۽ مذهبي رواداري جو وڌيڪ استعمال ڪيو“

حقيقت ۾ اسلام دين فطرت ۽ دين رحمت آهي ۽ انسانيت جي تڪميل لاءِ جيترن فضائل اخلاق جي ضرورت ٿي سگهي ٿا. اهي سپ خوبيون اسان جي پياري پيغمبر ﷺ جن جي زندگي ۾ موجود هيون ۽ انهن جي تعليم سيني انسانن کي ڏيڻ فرمايائون ۽ جيترا به رذائل اخلاق ٿي سگهن ٿا انهن سيني جي پاڻ ڪريم ﷺ جن مذمت ڪئي ۽ سموري انسانيت کي به انهن کان منع ڪرڻ فرمايائون.

ان حقيقت تي روشني وجهڻ سان اهو يقين ٿي سگهي ٿو ته محسن انسانيت رسول اڪرم ﷺ جن جي ذات مبارڪ ”رحمته للعلمين“ آهي ۽ سندن حسن اخلاق، سيرت طيبه ۽ مذهبي رواداري جو اعليٰ مثال هو جو اسلام جي دشمنن ۽ سندن مخالفن جي دلين تان ظلمت جا پرده هٽي ويا ۽ ڪلمه حق جي حقيقت سان انهن جا دل روشن ٿيا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي رواداري ۽ حسن سلوڪ جا پيڪر بڻجي ويا ۽ دنيا ۾ هر طرف اسلام کي سربلندي عطا ٿي.

# حوالہ جات


1۔ القرآن ۔ سورہ الجمعتہ ۳ / ۶۲

2۔ القرآن ۔ سورہ القلم ۱ / ۳

3۔ القرآن ۔ سورہ الاحزاب ۲۱

4۔ الحدیث المسند احمد بن حنبل المطبعہ المیمنیہ مصر ۱۳۰۲ھ

5۔ تاریخ اسلام ڈاکٹر حمیداللہ، فیروز سنز ۱۹۸۷ ع لاہور۔

6۔ تاریخ اسلام صاحبزادہ عبدالرسول، ایجوکیشنل پبلشرز ۱۹۵۹ ع لاہور۔

7۔ خطبات محمد حمید اللہ بہاولپور

8۔ حیات محمد ؐ (عربی) محمد حسین ہیکل، النہضتہ العصریہ، القاہرہ ۱۹۳۷ ع

9۔ خطبات محمد حمید اللہ بہاولپور

10۔ زاد المعاد فی ھدی خیر العباد، ابن قیم الجوزی، مکتبہ الرسالہ بیروت، ۱۹۷۹ ع

11۔ رحمتہ للعٰلمین، محمد سلیمان منصور پوری ۱۹۵۳ ع

12۔ المستدرک، حاکم، مکتبہ المعارف، ریاض

13۔ القرآن

14۔ رسول اکرم ؐ رواداری، ڈاکٹر حافظ محمد ثانی، فضلی سنز، ۱۹۹۸ ع

15۔ دعوت اسلام، ٹی ، ڈبلیو، آرنلڈ، محکمہ اوقاف لاہور ۱۹۷۲

**عبدالقادر چاچڙ**
اسسٽنٽ پروفيسر
گورنمينٽ اسلاميه آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج سکر

# اسلام رواداري جو علمبردار

اسلام آخري مذهب (Last Religion) قرآن آخري آسماني ڪتاب ۽ محمد ڪريم ﷺ آخري پيغمبر ۽ رسول آهي.

آخري مذهب هجڻ ڪري اسلامي کي جديد دور جو مذهب (Modern Religion) چئبو ۽ دنيا ۾ جيڪي به تيزيءَ سان ترقي ٿئي پئي. انهيءَ کي قبول ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ سمائڻ جون سڀئي خوبيون اسلام ۾ موجود آهن.

الله تعاليٰ پيغمبر ۽ رسول هن ڪري موڪليا ته اهي ماڻهن کي دين سيکارن، ماڻهن جي دنيا ۽ آخرت کي سنوارن. ماڻهن کي صحيح رستو ٻڌائن. انهن کي جهالت (اونداهي) مان ڪڍي روشن خيالي ڏانهن آڻن. جيئن الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي: "ڪتاب انزلناه اليک لتخرج الناس من الظلمات الي النور" (١) ترجمو: هيءَ ڪتاب آهي جو اسان توڏانهن هن لاءِ نازل ڪيو آهي ته ماڻهن کي اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍين.

امت محمد ﷺ کي ڀلي (چڱي) امت هن ڪري قرار ڏنو ويو ته اهي چڱائي جو حڪم (Order) ڪن ٿا ۽ برائي کان روڪن ٿا. جيئن قرآن ۾ فرمايو ويو آهي: "ڪنتم خير امت اخرجت للناس تامرون بالمعروف وتنهون عن المنکر" (٢) ترجمو: اوهان ڀلي امت بڻائي ماڻهن لاءِ موڪليل آهيو. چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهيو. برن ڪمن کان روڪيندا آهيو.

اسلام مڪمل دين حيات آهي. جنهن ۾ زندگي گذارڻ جو چڱو طريقو ٻڌايل آهي. اهڙن چڱن طريقن ۽ ڪمن ۾ رواداري (Tolerance) کي وڏي اهميت حاصل آهي. رواداري سان سموري معاشري تي هاڪاري اثر پون ٿا. جنهن سان پر امن، انصاف پريو ۽ سڀني ماڻهن لاءِ فائديمند معاشرو قائم ٿئي ٿو.

رواداري جون ڪجهه اهم ۽ مثالي ڳالهيون هيٺ ڏئي رهيا آهيون. جنهن تي عمل ڪري مسلمان معاشري ۾ ۽ پوري دنيا ۾ عزت ۽ وقار حاصل ڪري سگهن ٿا.

۽ ساڳي، ريت انهن الزامن کي جنهن ۾ مسلمانن کي دهشتگرد. انتهاپسند (Extremist) ۽ رجعت پسند جهڙن لقبن سان بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. اهڙي تاثر کي به ختم ڪري سگهجي ٿو.

## تهذيبي ۽ ثقافتي Cultural رواداري

اسلامي تعليمات تي عمل ڪرڻ سان معاشري ۾ بهتري اچي ٿي ماڻهو فتني. فساد. ڪيني ۽ ٻين ڪيترين ئي برائين کان محفوظ رهن ٿا. جڏهن ماڻهو هڪ ٻئي سان ملي ته اهڙو انداز ۽ رويو اختيار ڪري جيئن هڪ ٻئي جي دل ۾ همدردي. پيار ۽ پريت پيدا ٿئي. انهيءَ ڪري اسلام ۾ "سلام" کي وڏي اهميت حاصل آهي. ملڻ سان ئي ماڻهو هڪ ٻئي لاءِ سلامتي جي دعا ، پاڻ کان سلامتي جي تسلي ڏيڻ جو اظهار ڪري ٿو. الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي: "واذا حييتم بتحيت فحيوا باحسن منها او ردوها" (٣) ترجمو: جڏهن توهان کي سلام چون جي سوکڙي ڏني وڃي ته ان کان بهتر طرح سان سلام ورايو يا اوترو ورايو.

لفظ "تحيت" جي وضاحت ۾ علامه بغوي لکي ٿو: "والمراد بالتحيت هنا السلام يقول اذا سلم عليكم مسلم، فاجيبوا باحسن منها او